# سنڌي تنقيد جو جائزو

## ورهاڱي کان اڳ تنقيد

اسين سمجهون ٿا نسوري ناداني ٿيندي ته اسان وٽ تنقيد نالي ماڳهين ڪا شيءِ آهي يا تنقيدي ورثو يا روايت (پرمپرا) ۽ سرمايو ڪونهي. جو ته سنڌي تنقيد جي تاريخ ۽ پرمپرا ايتري پراڻي ٿو ليکيون والڪر ٧٠ سال کان جهوني آهي. اهو تنقيدي سرمايو ڪتابن توڙي اخبارن ۽ مخزنن ۾ موجود آهي. هتي انهيءَ اوسر جي اوک ڊوک ڪجهه ڪتابن ۾ ڇپيل مواد تائين ئي محدود رکيو پيو ٿو ته اخبارن ۽ مخزنن جي تنقيدي مواد جي به تڪ تور ڪجي ته هڪ مقالو ته ڇا، ڪتاب به ڪافي نه ٿئي.

سنڌي تنقيد مغربي ڍنگ تي ٽڪي آهي. اهڙيءَ طرح ٻن ادبي نظرين "ادب براءِ زندگي" ۽ "ادب براءِ ادب" تي ٻڌل آهي* انجو شروعاتي نمونو

---

* تنقيد جي اصولن، نظرين ۽ نمونن تي پڙهو ليکڪ جو تفصيلوار ليک "تنقيد جا مسئلا" ساهت سنگت مخزن (١٩٥٩) ۾.

اڀرندي هو. ان بعد سماجي ۽ ترقي پسند تنقيد وجود ۾ آئي. پهرئين اصولي ۾ ٻئي ادبي نظريا ملي جلي نظر اچن ٿا. پر پوءِ ان اصولن جو نظريو ادب برائي زندگيءَ وارو ٿي آهي جيڪو اڄ تائين سنڌ ٽوڙي هند جي سنڌي ساهت ۾ چالو رهيو آهي. ڪجهه سال کان انهي وروڌ ۾ ٻئي ادبي نظرئي تي ٻڌل جدليت يعني (مابرازم) پسند تنقيد به شروع ٿي آهي.

تنقيد اصولي ۽ عملي ٿيندي آهي. سنڌيءَ ۾ ٻنهي جي شروعات ۱۹۱۴ ۾ ٿي. مرزا قليچ بيگ ٿي اصولي تنقيد جي شروعات "سنڌي شعر" ڪتابڙيءَ ۾ ڪئي. ان ۾ سنڌي شعر جي قديم دوهـــي ۽ بيت کان وٺي اڄوڪي غـــزل ۽ ٻي قافيي نظم جو ذڪر ڪيو اٿس ته يورپ ۽ پارس جي شعر جي به اوسر ٻڌائي اٿس. وري ۱۹۲۰ ۾ "علم بـــديع ۽ علم عروض" اصولي تنقيد جو وڏو ڪتاب لکيائين جنهن ۾ نظم ۽ نـــثر جي نمونن، خاصين ۽ خوبين جو ورنن سنڌي شعر جي مثالن سان ڪيل هو.

لعلچند امـــرڏنو مل جو "شاهاڻو شـاهـ" (۱۹۱۴) عبداللطيف ڀٽائيءَ تي تشريحي تنقيد جو پهريون مڪمل ڪتاب آهي، جنهن ۾ هن شاهه جي شعر جي اصولي، ٻولي، عبارت، معنيٰ، خيال ۽ فـــن جي خوبين جي سمجهاڻي ڏني آهي. اهـــڙا هن بـــه ٻيا تنقيدي ڪتاب

”سوڀارو سچل“ (١٩١٦) ۽ ”سي راڳي ڀاڳ جو گل سنڌي“ (١٩٢٠) ۾ لکيا.

عملي تنقيد ۾ جيٺمل پرسرام به ان زماني ۾ ڏاڍي قلم هلايو. ”شاهه ڀٽائي جي حياتي ۽ لطيفي گل ڦل“ (١٩١٦) ڪتاب ۾ شاهه جي زندگيءَ سان گڏ سندس زماني جو ذڪر ۽ شعر جي معنيٰ، خيال، صورتن، مٿي، ٻولي وغيره جي تشريحي تنقيد ڏنل آهي. جيٺمل پوءِ شاهه جون آکاڻيون ۽ ـــ ٻاڪا (١٩٢٢) ڪڍيا ۽ ”سچل سرمست“ (١٩٢٢) لعلچند جي ”شاهاڻي شاهه“ جي معيار جهڙو ڪتاب به شايع ڪيو.

تنقيد جي هن ٽنهي ٻانئن جو شاعريءَ بابت نظريو روايتي هو. هن شعر الهامي چيز ٿي سمجهي ۽ شاهه ۽ سچل جي هر ڪلام مان اڪثر ڪري روحاني معنيٰ پئي ڪڍي ته به هو ادب براءِ زندگي واري نظريي جي وڪيل هئا ۽ سندن تنقيد ۾ سماجي تنقيد جا به جزا شامل هئا. هن ڪٿي زندگيءَ جي مشاهدي ۽ مواد جي اهميت جي به ڳالهه ڪئي ته ڪٿي اتهاسڪ ۽ سماجڪ حالتن جو به ذڪر ٿي ڪيو.

اهو ڌيان رهي ته ان زماني ۾ هندستان جي ٻين ٻولين ۾ به اڪا ٻڪا اهڙي تشريحي تنقيد ٿيندي هئي. ان تنقيد به سنڌي ادب جي ترقيءَ ۾ اهم حصو ادا ڪيو هو.

١٩٢٣ سنڌي آلوچنا هڪ وڏي وک وڌائي جڏهن ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻيءَ شاهه جي رسالي جو پهريون ڇاپو ڪڍيو جنهن ۾ هڪ وڏو ڪوجهارو، علميت ۽ ادبيت وارو تنقيدي مهاڳ ڏنل هو جو گهڻو پوءِ جدا "مقدمه لطيفي" ڪتاب نالي سان نڪتو. ان ۾ ڊاڪٽر صاحب خاص ڪري شاهه جي شعر جي ٻولي مضمون ۽ عبارت، خوبين، سنڌي ٻولي هن جي صوفي مت وغيره جي جيڪا تفصيلوار اصولي توڙي عملي تنقيد جي تصوير ڏني آهي سا ان کي سنڌي تنقيد جي تاريخ ۾ اهم درجو ڏئي ٿي ۽ اڳين ذڪر ڪيل ٻن پهلوئن سان گڏ چوٿون پهلو وڌائي ٿي. اهو آهي ته ڊاڪٽر هن ٻن نقادن والڪر شعر کي الهامي چيز ٿو سمجهي پر هن کان ان ڳالهه ۾ صفا نرالو آهي ته هو شاهه جي ظاهر ظهور عشقي ڪلام مان ڇڪي ٽاڪي روحاني راز جي معنيٰ اٿو ڪڍي. ان ڳالهه ڊاڪٽر جي تنقيد کي نه رڳو سماجي تنقيد صورت ڏني پر سنڌي تنقيد لاءِ هڪ نئين روايت به پيدا ڪئي، جا اڄ به روشنيءَ بخش آهي.

## تنقيدي بحث ۽ تذڪرا

ڊاڪٽر جي رسالي ۽ مهاڳ تي تنقيد جو هڪ سلسلو جڙي پيو هو، جنهن ۾ ٻن آلوچڪن کان سواءِ ڀيرومل مهرچند، دائود پوٽي، ديوان تيلارام سدڪهه، پرمانند ميوارام، حڪيم محمد سموهاڻي، عثمان علي انصاري

وڌيڪ پاڻ ورتو، جن چڱو تنقيدي مواد مهيا ڪيو. جيئن پڙهيل طبقي ۾ شاهه لطيف لاءِ چاهه وڌايو. ڀيرومل مهرچند جو "لطيفي سير" (١٩٢٨) جهڙو تحقيقي ڪتاب لکي عملي تنقيد جو نمونو ڏنو، جنهن ۾ شاهه صاحب جدا جدا هنڌن جو سفر ڪري جيڪي ڏٺو ويا پڌو آهن ان جو چٽو چٽيو آهي جو ڪ رسالي مان بيتن جا حوالا ڏيئي ثابت ڪيا اٿن. ڀيرومل هڪ هنڌ لکي ٿو: "رسالي ۾ رڳو روحاني راز ڪينهن، پر ڪٿي ته صفا سنڌ جي آڳاٽي تاريخ ۽ جاگرافيءَ جا بيان آهن." هن مان ظاهر آهي ته ڪلام خدائي الهام نه پر دنيا جو اڀياءُ ۽ اڀياس آهي. ٻيا تنقيدي ڪم ڊاڪٽر دائود پوٽي جي "شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام" (١٩٣٧) ۽ "ابيات سنڌي" (١٩٣٩) ڪتابن ۽ ١٩٤٠ ۾ تعليمي ڊائريڪٽر طور درسي ڪتابن ۾ اعرابن قيراطن جي دائود پوٽي جي ڪوشش خلاف ٿيا هئا، جن جي جهلڪ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي يادگار ڪتاب ورهاڱي کان اڳ جي سنڌي نثر جي تاريخ (١٩٦٨) مان ملي ٿي. ان ۾ پروفيسر تاريخي انگن اکرن، تان سان گڏ ڪٿي ڪٿي بهترين تنقيد به ڏني آهي. ان تاريخ لاءِ ڪيترو مواد پروفيسر کي ١٩٤٠ کان ١٩٤٧ تائين "سنڌو" ۽ نئين مخزن ۾ ڇپيل سندس تحقيقي ۽ تنقيدي لکڻين مان مليو.

پروفيسر ملڪاڻيءَ جي تاريخ وانگر ۱۹۴۷ کان اڳ محمد صديق ميمڻ ”سنڌي ادب جي تاريخ“ لکي، جنهن ۱۵۲۱ کان ۱۸۴۳ تائين سنڌي ادب جو مختصر تبصرو ڏنائين ۽ ورهاڱي بعد ۱۹۵۱ ۾ وري انهي ٻئي ڀاڱي ۾ ۱۸۴۳ کان وٺي ۱۸۷۵ تائين واري سنڌي نظم توڙي نثر جو تبصرو ڏنائين.

اهڙيءَ ئي ٻيو اهم ڪتاب ۱۹۴۳ ۾ لکيو ”تذڪره لطيفي“ جنهنجو ٽيون ڇاپو ۱۹۶۴ ۾ نڪتو ۽ هن بندي کي سنڌ جي سفر وقت ۱۷ جولاء ۱۹۶۴ تي ڪتاب جي ليکڪ لطف الله بدوي تحفو ڪري ڏنو هو. ان ۾ سنڌي شاعري (قديم زماني کان روحل تائين) جو تاريخي پس منظر ۾ تبصرو ڏنل آهي جيڪو گهڻو شاهه لطيف بابت آهي.

ٻيائي گهوٽ تي ورهاڱي کان اڳ هڪ ٻيو تنقيدي ڪتاب لکيو تاراچند ڇتواڻيءَ جو ”شاهه جون سورميون“ (۱۹۴۴) ان ۾ سهڻي ۽ سسئي، مومل ۽ ليلا، مارئي، نوري ۽ سورٺ جي سيرت نگاريءَ جي اوک ڊوک ڪيل هئي. ليکڪ جو لطيفي ادب بابت زندگي وارو نظر اچي ٿو.

## ترقي پسند تنقيد

ليکڪن مٿين ڪتاب کان اڳ، سنڌي ادب ۽ تنقيد ۾ ترقي پسند ۽ انهي معياري جنهن وقت هڪ لکين

ترقي پسند ڌارا جو جنم ئي ڇڪر هو، جنهن تي اثر هو مارڪسواد ۽ رشيا جي سوشلسٽ انقلاب جو. اها ڌارا جهوني سماج ۽ سرشتي کي بدلائي نئين اڏاوت ڪرڻ ۽ ترقيءَ جي راهه اپنائڻ جي ڌارا آهي. ان ويچار ڌارا کان متاثر ٿي تيرٿ بسنت ١٩٤١ ۾ ڇپايل پنهنجي ڪتاب "ڇڪون" ۾ "شاهه جو سنيهو" ليک ۾ طلب ڪئي ته "شاهه کي نئين سر سمجهڻ جي ضرورت آهي.... شاهه کي فقط مولانا رومي ۽ هندو جوڳين جي عينڪ سان ڏسڻ صحيح ناهي... انسان کي ڪمتري ۽ خدائي ذات چوڻ هجي ته هو پنهنجي زمين، زماني ۽ قوم جو مطيع (تابعدار) آهي... سچو صوفيپڻو وحدت ڪثرت جز ۽ ڪل تي وعظ ڪرڻ ۾ ناهي، پر آدميت يا بشر (انسان) دوستي ۾ آهي... تنهنڪري انسان کي شاهه جو اڀياس نئين نقط نگاهه کان ڪرڻ جڳائي".

ساڳيءَ نظر سان ٿي اپريل ١٩٤٢ جي "سنڌو" ۾ ترقي پسند نقاد برڪت علي آزاد "ادب ۽ زندگي" تي نظرياتي مضمون ۾ لکيو، اڄ ضرورت آهي ته انسان جا ليکڪ پنهنجي نثر، نظم ۽ شاعريءَ جو رخ ملڪ جي عام جنتا، هارين نارين، پورهيتن، مزدورن ۽ سندن زندگيءَ سان تعلق رکندڙ معاملن ۽ ڏکيائن کي حل ڪرڻ ۽ منجهن سياسي شعور، انساني حقن جي شناس، آزاديءَ جي قدر ۽ قيمت جو احساس پيدا ڪرڻ جو

پروگرام پڌرو ڪن.... “ هن جديد ادب جي ترقيءَ لاءِ
هڪ جماعت ۽ اخبار جي به تقاضا ڪئي.

چار سال پوءِ گوبند مالهيءَ ترقي پسند ليکڪن جي
مجموعي ”پرهه ڦٽي“ جي مهاڳ ۾ ترقي پسند ادب جي
اهميت ۽ ضرورت پڌائيندي لکيو، ترقي پسند ادب
انساني موجوده سماج جي ڪشمڪش مان پيدا ٿيو
آهي ۽ انساني فطرت جي انقلاب جو عڪس آهي.
ترقي پسند ادب پنهنجي زندگيءَ کي عوام جي
زندگيءَ سان ڳنڍي ٿو. هو ماڻهن جي وچ رهي انهن
جي هر ڪنهن مسئلي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري
ٿو.... هن سماج کي تبديل ڪري هڪ نئين دنيا اڏڻ
ٿو گهري.

ان وقت ٨ جنوري ١٩٤٦ جي ”هندو سنسار“
روزاني ۾ الم جو ”سماجڪ پلوو“ ناول بابت عملي
تنقيد وارو مضمون ”نه گهرجي انسانکي هيڏو ساهت“
ڇپيو. ان ۾ هن پڌايو نه ڪيئن اهو ناول سيرت نگاري،
واقع ڪاري ۽ حقيقت نگاريءَ جي لحاظ کان ناڪامياب
آهي. ناول ۾ ڪابه حقيقي پلوي جي باهه نه هئي، نه
انقلاب جي آڳ هئي، نه هئي منجهس لواڻ ۽ نه
نازڪي! نه جوش نه جذبات جو ڪنهن سندر ڪاوش لاءِ
احساس ڪري. تحقيق هڪ رجعت پسند ناول هو،
جنهن ۾ ترقيءَ جو ڪوبه ترورو موجود نه هو. ليکڪ ۾

وڌيڪ ڇنڊ ھو ته اسانجي ساھت ۾ تبديل اچي ڪري. اسانکي انقلابي ۽ انتها پسند ليکڪن جي اصولن ۽ ڪهاڻين جي ضرورت آهي.

ھن ڇنڊ ليکن، جن جي اهميت جو ذڪر پروفيسر ملڪاڻيءَ سنڌي نثر جي تاريخ ۾ به ڪيو آهي، ظاهر آهي ته ورهاڱي کان اڳ ئي سنڌيءَ ۾ ترقي پسند تنقيد (اصولي ۽ عملي) شروع ٿي چڪي هئي. شيخ اياز به ان وقت اهڙي آلوچنا ۽ سمالوچنا لکي هئي.

ورهاڱي کان اڳ ئي ڪن ترقي پسند ودوانن جو اثر ڪن بزرگن تي به ٿيڻ لڳو. جيئن ليکراج عزيز جهڙي شاعر ۽ نقاد به ان وقت پنهنجي هڪ مضمون لطيفي لاٽ ۾ لکيو، "هيلتائين شاهه جي رسالي کي فقط سلوڪ ۽ تصوف جي نگاهه سان ئي ڏٺو ويو آهي.... منهنجي خيال ۾ شاهه جي ڪلام تي نئين سر نگاهه وجهڻ جي ضرورت آهي... منجهس بشريت (انسانيت) وطنيت، قوميت، حريت (آزادي) جي تعليم سان گڏ محنت ۽ عمل ڪرڻ جي به بار بار اپٽار ڪيل آهي... جيڪڏهن شاهه جي ڪلام تي فقط تصوف جو رنگ چڙهيل هجي ها ته اهو هر دل عزيز نه ٿي سگهي ها. ڇاڪاڻ جو ڪو به ڪلام جي پنهنجي زمين، زمان، حال، ڪال جي موافق نه هوندو ته هم وطنن کي دلچسپ نه لڳندو."

ان سان گڏ پروفيسر ڪيسواڻي ۽ سنڌس ڌيءَ ڪملا ”سنڌي شعر جي ڪسوٽي“ (١٩٤٦) ڪتاب ۾ پروفيسر ڪيسواڻيءَ بيدل جي پرک ڪندي هن جي ڪلام جي ٻي رنگو ۽ هڪ رنگو هجڻ واري خامي ٻڌائي انس جا ”پيروي اڳاهه اوٺيل“ ۽ ڪلام ڏنو ”الٽر ايپاسي“ هجڻ ڏري آهي. هيڙي لمولي صوفي شاعر جي ڪلام جي خامي جو ذڪر ڏيکاري ٿو ته ان وقت تنقيد ۾ تيزي هوا جو اثر ٿيڻ لڳو هو. ڪملا ڪيسواڻيءَ وري ليکراج عزيز جي شعر جي ڪٿ ڪئي هئي. ان جي جواب ۾ ابراهيم خليل جو ڪتاب ”ڪيسواڻيءَ جي ڪسوٽي“ [١٩٤٧] لکيو هو. ان ۾ عزيز ۽ بيوس جي پٽ واري تنقيد ٿيل هئي.

## ورهاڱي بعد ڀارت ۾ ترقي

سنڌي تنقيد اڃا جوانيءَ ۾ پير پائي رهي هئي ته بدنصيب ورهاڱو ٿيو. سنڌي ادب ۽ تنقيد کي ڀارت ۾ نئين سر پالڻو نپائڻو پيو. بقول پروفيسر ملڪاڻيءَ ان مکيه سنستائن ”نئين دنيا“ مخزن ۽ سنڌي ساهت منڊل ”سنڌي ساهت کي جيئن پنهنجو جنم ڏنو ۽ ان جي ترقيءَ کي اوج ڏني.“ (آڌار ڀارت ۾ سنڌي ساهت جو مختصر جائزو- ١٩٨٠).

منڊل ۽ نئين دنيا سان گڏ سنڌي اديبن کي ٻه ٻيون وسيلا. پروفيسر ملڪاڻيءَ جي وضاحت ۾ منڊل جي

هفتيوار ادبي ڪلاس ۾ پڙهيل لکڻين تي ٿيل تنقيد جي معيار لعلچند امرڏنومل، امرلعل هنگوراڻي ۽ خود ملڪاڻيءَ کي به عجب ۾ وجهي ڇڏيو هو ته اهو ليکڪن ۽ نقادن کي به وائڙو ڪري. البت اها تنقيد ڪڏهن انتها پسند ۽ تنگ نظر واري هئي، پر اڪثر ڪري پاسخاطريءَ واري نه هوندي هئي، جنهن ترقي پسند ان کي الزام لڳائيندا آهن. هو نه پاڻ هڪ ٻئي تي تنقيد ڪندا هئا. ان ڪانسواءِ تنقيد ۾ موضوع سان گڏ فن جو به خيال رکندا هئا. سيمينارن ۽ ادبي بحثن ذريعي ترقي پسند نقادن پنهنجي سنڌي روايت تي نقش قدمي ڪئي ته ان ۾ اضافو به ڪيو ۽ پنهنجي ماضيءَ جي ادب ۽ اديبن جي قدرشناسي به ڪئي. انهن تنقيد سنڌي ترقي ڪئي.

## بزرگ نقادن جي دين

ڀارت ۾ پهريون سنڌي تنقيد جو ڪتاب "ادبي اصول" (١٩٥١) پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ شايع ڪيو جنهن سنڌي تنقيد ۽ ادب کي خاص ڪري سمالوچنائون لکي ڏاڍي اوج ڏني. ڪتاب ۾ ساهت جو اڀياس، نثر، نظم، ناول، ناٽڪ، مضمون، تنقيد، آکاڻيءَ جا مول مثال سميت ۽ سولي سنڌيءَ ۾ سمجهايل هئا ته سنڌي ساهت ۾ انهن سماڳري جو مختصر اڀيرو ۽ ان وڏن ناٽڪن ۽ انن ناولن جي سمالوچنا به ڏنل هئي اهڙي ڪتاب ۾

تنقيد جي ٻنهي اصولي ۽ عملي پهلوئن جو ذڪر هجڻ
اهو ڪتاب پروفيسر کي ڀارت ۾ سنڌي تنقيد جي
باني جو درجو ڏئي ٿو.

جيئن ئي ڪتاب نڪتو تيئن ئي سنڌي ساهت
منڊل ۾ ان تي هن پنهنجي تنقيدي انداز ڪيو ۽ جيڪو
ليک پڙهيو سو نئين دنيا ۾ "ساهتيه ڇا آهي" نالي
مارچ ١٩٥١ ۾ ڇپيو ۽ انهي وڏيڪ سمجهاڻي ٻئي ليک
"ادب ۽ زندگي" ۾ ڏني جو نئين دنيا ۾ جولاءِ ١٩٥١
۾ ڇپيو. اهي ٻئي ليک ورهاڱي بعد جي ترقي پسند
تنقيد جا پهريان اصولي ليک آهن، جيڪي پروفيسر
ملڪاڻي جي لفظن ۾ "ساهتڪ مسئلن تي ترقي پسند
نظريي کان چٽي روشني وجهن ٿا." [پڙهو هندو سنڌي
ساهت جو مختصر جائزو ڪتاب].

پروفيسر "ادبي اصول" ۽ ان "شاهڪار ڪتاب"
کي ساهت ڪوٺيو هو جيڪو "عالمگير دلچسپي وارو"
۽ "مڪان ۽ زمان جي بندشن کان ٻاهر" هجي. اسان
ترقي پسند ليکڪن خاص ڪري سنڌي ساهت منڊل
جي باليڪارن جا، ان ادبي اصول سان متفق هئا.
اسانجي ويچار ۾ ادب، انساني خيالات ۽ جذبات جو
دلڪش عبارت ۾ اظهار آهي. جنهن ۾ پنهنجي زمن ۽
زماني جو چٽر چٽيل ٿئي ٿو. جيئن خود پروفيسر جي
لکڻ مان به ظاهر آهي. پروفيسر "ادبي اصول"

جي انهيءَ ڇاڻيءَ ۾ انهن جي سمجهاڻيءَ ۾ ڪجهه درستي ڪئي.

حقيقت ۾ پروفيسر ملڪاڻي "ادب براءِ زندگي" جي نظريي جو حامي هو جيئن "ادبي اصول" ڪتاب مان ظاهر آهي. هو ان لحاظ کان ترقي پسندن جي گهڻو ويجهو هو، جيئن منڍ ۾ ڪيل ۽ مضمون ۾ چيل سندس آلوچنائن ۽ سمالوچنائن مان به ظاهر آهي جيڪي ڪجهه هن جي آخرين ڪتابن "ڀارت ۾ سنڌي ساهت جو مختصر جائزو" ۽ "ڀارت ۾ سنڌي ساهت جي سمالوچنا" ۾ ڏنل آهي. هن نئون ماڊرن ليکڪن جي بي مقصد، غير حقيقي ۽ نراشاوادي نظريي کي ننديو آهي. هنن اهم ڪتابن مان سنڌي ساهت جي جهلڪ ۽ پرک به ملي ٿي. اهي ڪتاب پروفيسر کي ساهت جي اتهاسڪار کان وڌيڪ هڪ پختو آلوچڪ ۽ سمالوچڪ سڏ ٿا ڪن، جيئن سندس اڳيون يادگار ڪتاب "سنڌي نثر جي تاريخ" (ورهاڱي کان اڳ جي دور بابت) وري آلوچڪ کان وڌيڪ سندس اتهاسڪار جو روپ ٿو پسائي.

ٻئي بزرگ اديب پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ اسانجي ڪلاسيڪل ڪوين جي ترمورتي تي هڪ ٻئي پٺيان جدا جدا مڪمل تنقيد جا ڪتاب شاهه (١٩٥١)، سامي (١٩٥٣) ۽ سچل (١٩٥٤) شايع ڪري نئون رڪارڊ قائم

ڪيو. هن شاعرن جي فڪر ۽ فن جو تفصيلي جائزو
ورتو آهي ته ڪٿي ڪٿي ننڍين ڳالهين ۾ ڪٿي آهي ۽
ننڍين نظر ۾ وڌي آهي، جيڪا هن ڪتاب کي خاص
اهميت بخشي ٿي. مثلا ”شاهه“ ۾ پروفيسر نانڪي طرز
تي مڃيو ۽ وڌو باب ڏنو آهي، [جنهن ۾ پڌايو اٿس ته
شاهه سيرت نگاري ۾ واقع ڪاري ”سچائي ۽ وفائي“
سان ڪٿي آهي] جو هن کان اڳي ڪنهن نه ڏنو هو.
”شاهه جون سورميون“ واري باب ۾ وري صرف
ڏاڍوي پيار جو ذڪر ڪيو اٿس. هن لوڙي ”نانڪي
طرز“ واري باب ۾ تي پروفيسر روحاني مطلب نه ڏنو
آهي، جيڪو سندس تنقيدي نگاهه کي انفراديت بخشي
ٿو. اها نرالي ”سامي“ ڪتاب ۾ پاڪائي ۽ ڪوڙ ڪپٽ
بابت سامي جي رخ تي روشني وجهندي به ڏني اٿس.
پر اها ”سچل“ جي ڪتاب ۾ سڀ کان وڌيڪ آهي.
”سچل، امن ۽ آزاديءَ جو امر“ باب ۾ ترقي پسند
تنقيد جو اثر صاف صاف ظاهر آهي، جنهن ۾ پروفيسر
چوي ٿو، ”هن (سچل) صاحب جي تصوير ۾ هڪ
اهڙي غير طبقيوار سماج هئي جنهن کي هينئر
CLASSLESS SOCIETY چيو ٿو وڃي.“

پروفيسر هالوڪن اڳارن سان شاهه جو مڪمل رسالو
[۱۹۵۸] ۽ مڪمل رسالو [۱۹۶۶] تفصيلي تنقيدي مهاڳ
۽ معنيٰ سان ڇپائي سنڌين سان وڏو ڦر ڪيو.

پروفيسر جهمٽمل ڀاوناڻي ”هندي ڪويتا“ جي اصولن، ڇند وديا تي ”ڇند سڳند“ ۽ پارسي وزن تي ”عطر عروض“ ڪتاب لکيا. ٽيئي ڪتاب خاص اهم آهن جو ان ۾ ليکڪ ثابت ڪيو آهي ته شاهه، سچل ۽ ساميءَ جا بيت هندي ماترائن تي ٻڌل آهن. تازو هن جو ”سوامي دادو ديال“ جو تحقيقي ۽ تنقيدي ڪتاب ۾ لکيو آهي.

پروفيسر پوڄراج لالواڻيءَ جو ڪتاب ساميءَ جا سلوڪ (١٩٥٥) جا نئين ڀاڱا لکيا. انهن ۾ سلوڪن جو عدد اڳين کان تمام گهٽ آهي ته پروفيسر جو تشريحي تنقيدي مهاڳ ۾ آهي. ڪتاب ۾ پرنسيپال ايل. ايڇ. اجواڻيءَ جو به اهم ديباچو آهي. جنهن ۾ چيو اٿس ته ”سامي جڳت جو شاعر آهي“. اهڙي اصولي جو ترقي پسندن جو اظهار پروفيسر اجواڻيءَ، پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي ڪتاب ”سنڌ جون ست ڪهاڻيون“ (١٩٥٢) جي مهاڳ ۾ شاهه لطيف لاءِ ڪري ٿو ته ”شاهه جي شعر کي رڳو صوفي ڪلام سڏڻ سراسر بي انصافي آهي ڇاڪاڻ جو انهيءَ ۾ سنڌ جي سونهن ۽ سنڌيت جي چال جو اظهار آهي جنهن ۾ صوفين جو ڪو واسطو ڪونهي......“

پرنسيپال اجواڻيءَ ترقي پسند ويچار ڌارا جي اهميت محسوس ڪندي ”بيوس جو شعر“ مضمون ۾ لکي ٿو ته ”ترقي پسند ليکڪن کان گهڻو اڳ، بيوس سنڌان

کي سرمائيدارن جي ظلمن کان آگاهه ڪيو هو" اهڙي
مضمون هيٺين "اڇل" ڪتاب ۾ ڪن سمالوچنائن سان
گڏ ۾ ڇپيل آهن. ترقي پسندن جو اهو اثر ٻين ليکڪن
ديوت ڪنداارام، منو گدواڻي، رام پنجواڻي وغيره
جي هندواسيءَ ۾ اهڙن ڇپيل ليکن ۾ به نظر اچي ٿو.

ان زماني ۾ لعلچند امرڏنومل جو شاهه جي "سر
ڏهر" (١٩٥٦) تي تشريحي تنقيد جو ڪتاب به لکيو.
ان ۾ لعلچند ڪٿي شاهه جي ڪلام جي معنيٰ
کي هٿي جي شرڻارٿي (پناهگير) سنڌين جي زندگي
سان لڳايو آهي.

پر ان دور ۾ جنهن تنقيدي ڪتاب خاص چوپولو
مچايو، سو هو پروفيسر ليکراج عزيز جو "گل و خار"
(١٩٥٦). ان ۾ تنقيد ۽ شاعريءَ جي نئين جي مقالي
سان گڏ خاڪي ۾ ايوس جهڙن بزرگ شاعرن ۽ نوجوان
شاعرن (ڪل ١٥ ڄڻن) جي شعرن ۾ فن جون چوڪون ۽
درستيون به ٻڌايون اٿس. ان ڪتاب ۾ ايوس ۽ عزيز
جي شاعريءَ تي سنڌي ساهت منڊل ٿوڙي ڪن عام
معنئن ۾ به تنقيد ٿيو هو ۽ نئين دنيا ۾ ليک به ڇپيا هئا.

"معراز" ڪتاب ۾ سنڌي شاعرن جي معنوي ۽ ٻولي
جا سلام ڏيکاريا آهن، پر انهن جي ڪٽن ۽ تنقيد جي
انهن پهلن کي نظرانداز ڪري "ادب براءِ ادب" جي
نظرئي جي اثر وري ڪئي آهي. البت ان تنقيد مان

اهو فيض وسيو ضرور جو نوجوان شاعر ڪن ۽ نوليءَ کي خاص ڌيان ڏيڻ لڳا.

ان عزيز جي تنقيدي ليک جون ٻه ڪتابڙيون "سنڌي جي کوٽ" نالي ۾ ڇپيون هيون، جن جا ليکڪ هئا طالب ۽ سڪايل. انهن ۾ ڪاليجي سنڌي ڪتابن جون چونڊون ڏيکاريل هيون.

ٻيو عزيز جو صحيح تنقيدي ڪتاب نڪتو "ساڃي" [١٩٦٥] جنهن ۾ سچل سنڌيءَ ۾ ويدانتي نگاهه کان تشريحي تنقيد ڏنل آهي.

پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ بعد ٻيو بزرگ نقاد جنهن سنڌي آلوچنا کي خاص اوج ڏني آهي سو آهي ڪيرت ٻاٻاڻي. هن جو نظريو ٻين پروفيسر وانگر ادب براءِ زندگي وارو آهي. سندس ٻن چئن ڪتابن مان مکيه ٻه آهن: ساهتيه ساگر [١٩٦١] ۽ ساهت سرج [١٩٧٨]. انهن ۾ اصولي توڻي عملي تنقيد جا مضمون آهن. ناول نويسيءَ کي ڇڏي ٻين سڀني ادبي شاخن جا مثال ڏنا اٿس. هن جو هر هڪ مضمون ويچارن جو ساگر، دليلن جو درياهه ۽ علميت جو انبار آهي. مضمون نگاري، جيوني ڪلا، ڪهاڻي ڪلا ۽ ناٽڪ ڪلا وارا مقالا نه مال توڻي روپ جي لحاظ کان ٻهڳوڻ اٿس.

ليکڪ جو ادب براءِ زندگيءَ وارو نظريو ڪتاب ۾ نکريو پيو آهي. ساهت سرج ۾ ڇپيل ليک "ڪلا

ڪونه آهي، انکي ڪو مفهوم ۽ مقصديت آهي. ڪلا
جيون جي سرچشمي مان ڦٽي نڪري ٿي ۽ جيون ئي
ان جي وشيه آهي، جنهن ڪري زندگيءَ کان منهن
موڙي ڪوريئڙي وانگر جار اُڻڻ ڪا ڪلا نه آهي.... ڪن
اَڌ مغزن جي ليکي آهي ته ڪلاڪار جيترو اهنڪاري،
عياشي، اپوسنڌڪ هوندو، اوترو واهه واهه جي لائق
آهي. اها اولڌي سمجهه نه شعور ۽ هلڪڙائي جو
عڪس آهي، جا اوپرا (اوائل) جي شوق ۾ اهڙي لگو
رواڄ ۽ الڏع ايجاد ڪرڻ ۾ ئي ڪوهجي وڃي ٿي...
حياتيءَ کي عيش لاءِ وقف ڪري ان مان شخصي
ذميواري خواهه سماج صحت جو ويچار خارج ڪرڻ
سياڻپ نه آهي... ڪي پوليتا ساماٽا آهن جي...... اوليءَ
جي جوڳي اڀياس بدا پاڪي اديب نا چوائين.... ۽ لعرا
هٿي ناهو وجائي "جينيس" سڏجڻ جا هوڪا نا ڏين....
انڪري غلط آهي سمجهڻ ته بولي ڪنهن جاهل يا
اَڌ مغزي ليکڪ جي غلط لکڻ سبب لٿين ٿي پوندي
آهي." انداد لاءِ لکي ٿو ته هنڪي لکنيد وقت ليکڪ
جي ذهني، لساني، سماجڪ ۽ آرٽڪ حالتن جو به
اڀياس ڪرڻ کپي.

ليرٽ ستيت جا منيان ويچار ساهت جي مقصد
لوڙي معني، پرکه لوڙي پهراه [بولي] جي اهميت
بخوبي ظاهر ڪن ٿا، جنهن لي خاص طور پروفيسر

منگهارام ملڪاڻيءَ ۾ سندس ساڳي ترقي پسند ليکڪن ۾ زور ڀري ڏنو آهي.

بسنت جي ڪتابن مان پڌرو آهي ته هو به پروفيسر ملڪاڻيءَ وانگر مغربي ادب، ادبي اصولن ۽ لاڙن جو برابر اڀياس ڪندو رهيو آهي، جن لاءِ ڪجهه اوک ڊوڪ انهن ڪتابن ۾ هن ڪئي آهي. اهــا اوک ڊوڪ اسانجي ڪن نون پنپندڙ ليکڪن کي سمجهڻ ڏيڻ لائق ۽ واهر ڪري سگهي ٿي.

اها خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته مٿي ذڪر ڪيل اسان جي بزرگ نقادن سنڌي ادبن جو زندگي ۽ سماج جي ترجماني ڪرڻ لاءِ ڌيان ڀري چڪايو آهي ۽ ڪن بزرگن خاص ڪري پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ ۽ تيرٿ بسنت ته ساهت کي الهام سمجهڻ واري روايتي نظريي کان ٻاهر ڪڍي مڪمل آجـو رکيو ۽ عقل پسند رخ جي حمايت ڪئي. انڪري هنجي تنقيد سکڻي تشريح نه، پر ان کان وڌيڪ سماجي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ترقي پسند بـه آهي. ڪيترين ۾ هنن ان ڪانسواءِ ٻين بـزرگ نقادن جي به تنقيدي ڏني آهي، جيڪا آجيان لائق آهي.

## ترقي پسند تنقيد جي ڏين ۽ اثر

ترقي پسند تنقيد نه فقط رچنا جي مال ۽ رومال جي پرک ڪري ٿي، بلڪ ليکڪ جي ويچارن کي به احساس ۽ سماجڪ پس منظر ۾ سندس زمانـي ۽ زندگيءَ جي

سچائيءَ جي ڪسوٽيءَ تي ڪسي ٿي. ان تنقيد ۾ صرف
ساهت جي پوري پرک ڪئي آهي، پر ٻين پارکن ۾
ليکڪن تي به اثر ڪيو آهي.

ورهاڱي بعد ترقي پسند تنقيد جي عملي روپ جو
پهريون ڪتاب ”ٽئگور - هڪ جهلڪ“ هن بندي جو
تي شايع ٿيو هو. ان ۾ گرديـو ٽئگور جـي حياتي،
وچارن، ڪوتائن، ڪهاڻين، ناولن، ناٽڪن ۽ سنڌي
ساهت تي اثر جو ترقي پسند نگاهه کان جائزو ورتو ويو
آهي. بزرگ نقاد ۽ ٽئگور ساهت جو ابياسي پروفيسر
منگهارام ملڪاڻيءَ سمالوچنا ڪندي لکيو، ”انڊين ڊيليا
پاران جو ٽئگور هڪ جهلڪ پستڪ لکيو آهي سو
منهنجي نظر ۾ نرالو آهي. ڏسجي ٿو ته ڪتاب تي اهو
ڳالهه ڌيان ۾ وچان رکيو ويو آهي، ڇو جو منجهس ٽئگور
تي صرف هڪ جهلڪ نه، پر پنج جهلڪون ڏنل آهن.
جن مان هر هڪ جهلڪ، صرف جهلڪ نه، پر چڱو چوکو
شعاع آهي. انهن ڪري هي ڪتاب ٽئگور ساهت تي
پنجن طرفن کان پرکيل روشني ٿو اڇلي...... عجب ٿو
لڳي ته ٽئگور جي اٿاهه رچنائن مان اهڙيون ٻه ڪي
آهن ڇا جن جو شري اُتم مطالعو نه ڪيو هجي ۽ اندازو
نه لڳايو هجي!.... ”ٽئگور - هڪ جهلڪ گرديـو جـي
تصنيفن تي تنقيد تي پهريون مڪمل ۽ ڪامياب ڪتاب
آهي. [انڊين ڊيليا، آڪٽوبر ۱۹۶۱].

گرديو ٽئگور ڪاسواه ٻين هنن لي ۽ هن ٻنهي جا انفرادي مضمون لکيل آهن: ڪاليداس، گرو نانڪ، ميرا ٻائي، شاهه، سچل ۽ سامي، ديوان ڪوڙومل، پرمانند ميوارام ۽ ليکراج عزيز، بيوس، حيدر بخش جتوئي ۽ پرسرام ضياء، منشي پرمانند، شرت چندر ۽ مئڪسم گورڪي. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي هنن مان ڪن مضمونن بابت لکيو آهي ته جيئن ڇپجڻ وارن مضمونن لکڻ ۾ به ”آم مکيه ڀرو ورلو آهي“ ۽ ”نئين زماني جي نڪته نگاهه کان روشني وڌي اٿس.“ [پڙهو ڀارت ۾ سنڌي ساهت جو جائزو].

پروفيسر ”سامي تي هڪ نئين نظر“ واري مضمون بابت رائزني ڪندي لکيو آهي، ”اسم هڪ ڀانت کوجنائڪ ليک ۾ سامي؏ جي سلوڪن کي روايتي روحاني نقط نگاهه سان نه ڏٺو آهي، پر ان وقت جي سماجي، آرٿڪ يا سياسي حالتن هيٺ پرکيو آهي.“ [نئين دنيا، مارچ ١٩٦٢].

هنن اڌ سؤ کن مضمونن مان ڪي سندس ٻن ڪتابن ”سنڌي ساهت“ [١٩٧٠] ۽ ”ساهت ۽ ساهتڪار“ [١٩٧٤] ۾ ته ڪي هن ڪتاب ۾ آيل آهن. پروفيسر ملڪاڻي پنهنجي راءِ ۾ چيو آهي، ”نئين دنيا جي آڪٽوبر [١٩٧٢] پرچي جو پهريان مضمون ”شاهه، سچل، سامي“ اهم جو آهي جنهن ۾ سنڌي شاعري جي ٽمورتيءَ

جو اسٽيج جائزو خوب ورتل آهي. اهو الم جي مجموعي "سنڌي ساهت" مان ورتل آهي، جنهن ۾ هن جا اڀياسي ۽ کوجنائتا مضمون شامل آهن، جي ترقي پسند نظرئي کان تاريخي پس منظر ۾ لکيل آهن."

انهن تنقيدي مضمونن کانسواءِ هن هندي جون ماهوار نئين دنيا، هفتيوار سنڌو ڌارا، روزاني سنڌو سماچار ۽ سنڌو سنسار اخبارن جي ايڊيٽر طور هڪ سؤ کن ڪتابن جون سمالوچنائون به ڇپيل آهن.

ترقي پسند تنقيد جا ٻيا به گهڻا مضمون ڪيرت ٻاٻاڻي لکيا آهن جنهن جا ٻه اهم مجموعا "سنڌي ادب ۾ قدرن جو سوال [۱۹۷۴] ۽ اوک ٻوک [۱۹۸۱] ڇپيل آهن. ٻنهي مجموعن ۾ ستن مضمونن مان ٻه اصولي تنقيد جا "ادب ۽ حقيقت نگاري" ۽ "سنڌي ساهتڪارن جا رچنائتمڪ مسئلا" ۽ ٽي عملي تنقيد جا مضمون "سنڌي جديد ناول"، "اديب عبدالرحمان ڪهاڻي" ۽ "سنڌي ڪهاڻي ورهاڱي بعد" آهن. پويون مضمون نه صرف ڪيرت جو بهترين تنقيدي ۽ تحقيقي مقالو آهي، پر سنڌي جي اهڙن بهترين مضمونن مان هڪ آهي، جيڪو پنهنجي سر ۾ هڪ ڪتاب آهي. ان ۾ ورهاڱي بعد جي سنڌي ڪهاڻي جي ٻن ڌارائن- ترقي پسند ۽ غير ترقي پسند- جي ۲۸ ليکڪن جي ڪهاڻين جي مثالن سان اوک ٻوک ڪري سهي

ترقي پسند ڪهاڻيءَ تي ڪميونزم، نعري بازي، لال جهنڊي ۽ خونريزي جي پرچار جي لڳايل الـــزام کي زوردار رد ڪري ڏنو ويو آهي ۽ ڏيکاريل آهي تہ ڪيئن نہ ترقي پسندن جي مخالفت ڪندڙ ڪهاڻي نويسن جي ڪن ڪهاڻين جا ڪردار سنڌن مڙهيل غير رواجي، ناممڪن ٿا ٻاسن ۽ ڪن ڪهاڻين ۾ مبهمتا ۽ فراريت ڀري پئي اٿن. ڪيترن ٻنهي قسمن جي ليکڪن جي ڪلاڪاري ۽ حقيقت نگاريءَ وارين ڪهاڻين جا بہ مثال ڏنا آهن.

ساڳيءَ طرح ڪيترن جديد سنڌي نـــاول ۾ ورهاڱي بعد جي انهن ڌارائن جو جائزو وٺندي ٻڌايو آهي تہ هتي ناول ۾ هڪ اهڙي جاڳرتا جو دور شروع ٿيو آهي جنهن ۾ اڪثر ليکڪن تخليقي حقيقت نگاري پيش ڪئي آهي، پر اڃا بلندي حاصل نہ ڪئي آهي.

امرلعل هنگوراڻي جي آدو عبدالرحمان ڪهاڻيءَ تي مضمون ۾ غير ترقي پسندن طرفان ان کـــي رد ڪرڻ جي ڪوشش کي جواب آهي. ان مان ظاهر آهي تـــہ ترقي پسند تنقيد ڪيئن نہ صحيح ادبي ورثي جو قدر ڪندڙ آهي.

ڪيرت جي ٻئي ڪتاب "اوڪ ٻوڪ" ۾ ۵ ليکن مان ٽي تنقيد سان واسطو رکندڙ آهن. سنڌي ساهت ۾ سنڌي زندگـــي، ورهاڱي بعد سنڌي تنقيدي ادب ۾

سنڌي ساهت ۾ مذاق. ٻيون مقالو جيڪو سنڌي
ڪتاب جو ٽيون حصو آهي، سو ٻين ان ليکڪن جي نسبت
۾ وڌيڪ وسيع، ڪامياب ۽ جاندار آهي. ان ۾ شاهه
لطيف کان وٺي لعل ٻچواڻيءَ تائين ليکڪن جي مذاقي
۽ طنزي لکڻين جو ذڪر آهي. البت ورهاڱي کان اڳ،
جي مشهور شاعر حيدر بخش جتوئيءَ جي مذاقي ۽ طنزي
شعرن جو مجموعو "آزادي - قوم" ۽ "شڪوه" ۽ ٻرڪ
ليکڪ ٻيرت ٻسمت جي "چٽڪون" ڪتاب جي "ناول"،
"جوت"، "سنگيت ساز" مضمون کي وساريو ويو آهي.

جهڙو ته هي مقالو مالدار آهي اهڙو ئي "سنڌي
ساهت ۾ سنڌي زندگي" ليکڪ سطحي آهي. ليکڪ رڳو
٣ ناول نويسن، ٦ شاعرن ۽ ١٠ ڪهاڻي نويسن جي
رچنائن جا مثال ڏنا آهن. انهن مان به گهڻن مثالن ۾
سنڌي جيوت کي سنڌ جي ياد جي جذبي تائين محدود
ڪيو اٿس، جيڪو ليکڪ لوڙي ليکڪ جي ناڪامي
ٿو ٻڌائي.

هن مضمون ۾ ڀارت جي ورهاڱي بعد جي سنڌي
تنقيد جي ٻن لاڙن جو مختصر ليکو چوکو ڏنل آهي.
روايتي، ترقي پسند ۽ جديد پسند تنقيد ليکڪ چوي
ٿو، ورهاڱي کانپوءِ ۾ هڪ نئين روايت شروع ٿي ......
ترقي پسند ادبين انسان پرستيءَ جي اصولن کان وٺي
هڪ طرف اصولي تنقيد جا نوان پهلو ڳولها ...... ؟

ٻئي طرف اهڙي نظرئي جي بنياد تي سنڌيءَ جي هاڻوڪي توڙي آڳاٽي ادب جي سماجڪ توڙي اتهاسڪ پس منظر ۾ ڇنڊڇاڻ ڪئي." هو وڌيڪ چوي ٿو ته "جديد پسند وارن نقادن مان ڪنهن به ڪا وڏي ڪاوش اڃا پيدا نه ڪئي آهي."

هن ليک ۾ ٻه ڪجهه ضروري ليکڪن جا ڪتاب نظرانداز ڪيا اٿس. (جيئن هن پنهنجي هن مقالي مان ڏسي سگهجي ٿو.) جن جو ذڪر ضروري هو، جيئن ليکڪن جي تنقيدي لاڙي جي خبر پوي.

ڪيرت ٻاٻاڻي هن ڪتاب جو مهاڳ پوپٽي هيرانندائي کان لکايو آهي جيئن پوپٽيءَ وري ڪيرت کان پنهنجي ڪتاب "پولي منهنجي ماءُ" جو مهاڳ لکايو آهي. پوپٽيءَ مهاڳ ۾ پنهنجي خود نمائيءَ ليکڪ جي خوبين کان وڌيڪ خاميون ٻڌائڻ جي روايت (پوپٽي پرمپرا) شروع ڪئي آهي. پوءِ ته چوي ٿي، اٿم، ڪيرت ۽ مالهيءَ، ٽنهي مال سان ڀرپور مضمون پيش ڪيا آهن. پر اٿم جي پيٽ ۾ مالهيءَ جا ۽ مالهيءَ جي پيٽ ۾ ڪيرت جا مضمون وڌيڪ ترتيبوار نموني ۾ لکيل آهن." پر ان پيٽ جا مثال ڏنا ئي ڪون، اٿس. اٽلو چيو اٿس، "ورهاڱي بعد سنڌي ٻوليءَ کي زندهه رکڻ ۽ سنڌي ساهت جي گهڻين شاخن جي وڪاس لاءِ جدوجهد ڪرڻ لاءِ جيڪڏهن ڪنهنکي ٻيا ڪن کي

جس جو پاڳي ڦهرائيندو آهي ۽ اهي آهن هـي ترقي پسند ليکڪ.“

پروفيسر ارجـن شاد جو ”سنڌي جـو نئون دور“ (١٩٧٠) هن سنڌي جي ڏکور لـي لکيل ڪتاب پڻ ترقي پسند تنقيد وارو ڪتاب آهي، جنهن ۾ هڪ ليکڪ جو جائزو ورتو ويو هجي. شاد، سنڌي جي دور ۽ سنڌس شعر جي پرک ڪري اهو ثابت ڪيـو آهي ته ”سنڌي شعر ۾ ترقي پسند ويچار ڌارا جـا آغـاز سنڌس کان ٿئي ٿو.“

انهي ترقي پسند نگاهه سان سگن آهوجـا وري نارائڻ شيام جي شاعري جي ڪتاب ”روشن چانـورو“ مجموعي جي مهاڳـ ۾ ڏاڍـو مائيدار مقالي ۾ ڪري ترقي پسند تنقيد ۾ اضافو ڪيو.

ترقي پسند تنقيد پنهنجي اصلي، ديـن سان سنڌي ساهت کي وڌايو ۽ ويجهايو آهي ۽ پڻ ويچار وارن ليکڪن جي آلوچنا لي ڀ اثـر ڪيو آهي. اهو اثـر ارجن سڪايل جي ”ادب ۽ اديب“ ڪتاب جي سنڌي جي شعر جو جائزو، هڪ عمدو ناول ۽ شاهه جا ماڻهو وارن ليکن مان ۽ موتي جوتواڻي جي ”خيال“ ڪتاب جي ”ترقي پسند شاعر گـوورڌن ڀارتي“ ۽ ”السداس جو رامـائڻ“ ليکن مان پڌرو آهي. هرچند اجهول تـه ”سنڌي شاعري جا ٥٠ سال“ ڪتاب ۾ ترقي پسندي

جي ڪسوٽيءَ تي ڪسي پرسرام ضيا کي "سنڌيءَ جو پهريون صحيح روپ ۾ ترقي پسند شاعر" سڏيو آهي ۽ بيوس ۽ عزيز سان ٻنهي کيس اول درجو ڏنو آهي.

اُجهل ٻڌي نتيجن ۾ صحيح ڪونهي، ڇو ته ضيا وڌاڳي بعد ئي اصليت ڀانئي، جڏهن بيوس پنهنجو وارو وڄائي هليو ويو هو ۽ عزيز ته هن لاءِ اُستاد وانگر هو. ان ڪري بيت ٺيڪ ناهي. ضيا کي پهريون ترقي پسند شاعر سڏڻ جو نتيجو اهو آثار ٿي بيٺل آهي ته بيوس ۽ عزيز وانگر ضيا جو نظريو آدرشوادي نه هو ۽ روايتي، ٽڪاٽاڻي ۽ ڀڳتي وارا غربي گلزار جهڙن وارا شعر نه لکيا اٿس. پر آدرشوادي ۽ روايتي نظريو بيوس ۽ عزيز وانگر ضيا جو به هو جو "آلاپ ضيا" ڪتاب ۾ نمودار آهي، جنهن لاءِ ئي اُجهل ٻڌهڪي پرکه جي واريءَ جو مثل آڏو آهي. ضيا جي شعرن ۾ به نوجوان ترقي پسند شاعرن وارو پرچار آهي جو "استالن" "ايشيائي ليکڪ ڪانفرنس" "مزدور اتحاد" "امر قانا" وغيره شعرن مان آهي.

حقيقت ۾ ترقي پسند شاعرن ئي سنڌي شاعريءَ کي ان آدرشوادي ۽ روايتي نظريي کان نجات وٺي ڏني، جنهن جا بيوس، عزيز ۽ ضيا به شڪار هئا، پر ٿنهي ايهو وادي شعرن کانسواءِ حقيقت نگاري، اشتراڪيت ۽ ترقي پسنديءَ وارا شعر به چيا آهن. ڪن ترار، ڪنهن

گهڻا. پر شروعات ڪرڻ ڪري پوس ٻالي لکيو. ان
ڪري تنهي جو درجو ۽ ڏس پهچڻي آهي، جا ورڻ
جي لاهي. غلط فهمين جي باوجود، اُجهل جي تنقيدي
قوت آڇڻ لائق آهي.

جگديش لڌاڻي اُي ٻهراڻ سنڌي شعر، ڪهاڻي،
ناول، ناٽڪ، ايڪانڪي ۽ تنقيد جي مختصر اوسر تي
مڪمل ڪتاب "سنڌي ادب جي روپ ريکا" (١٩٦٦)
لکيو جيڪو داد لائق آهي. هن پوءِ ادب جي اصولن
عملي آلوچنا تي ڪتاب لکيو "اصول ۽ آلوچنا" (١٩٧٣)
هن تي ترقي پسند تنقيد جو اثر ظاهر آهي. جيئن هن
ترقي پسند نقادن جا رايا ۽ حوالا ڏنا آهن ته هنن جي
ڏس ۾ قبولي آهي، "سنڌي تنقيد" واري مضمون ۾
لکي ٿو، "سنڌي ۾ گوبند مالهي، ايم ۽ ڪيرت ٻاٻاڻي
.... مارڪسوادي يا پرگتيوادي (ترقي پسند) آلوچنا.......
جا نقاد آهن" ۽ "ورهاڱي بعد جن نوجوان ترقي پسند
اديبن سنڌي تنقيد تي گهٽي ۾ گهڻا احسان ڪيا آهن
انهن ۾ مکيه هي آهن."

ڪٿي ڪٿي تضادن هوندي به جگديش جو نظريو
لڳ ڀڳ "ادب براءِ زندگي" وارو آهي. "اصول ۽
آلوچنا" ۾ اصول واري حصي جو ٻوڪ، ٻالمدي لکي
ٿو، "مان سمجهان ٿو ته انسان هڪ سماجڪ پراڻي آهي
۽ ڪلا هڪ سماجڪ ڪريا. ان ڪري ليکڪ کي همه

اهڙو ماڻهو (ڏاهو) ٿو لهڻ گهرجي جيڪو ٻالڪن کي وقت به وقت متاثر ڪري سگهي. انهن لاءِ جنهن کي هو ٻالڪ لکي ۽ ٻالڪ سمجهي يا ٻالڪ لاءِ سمجهي."

جڳديش کهاڻي ٻوڙي اکهاڻي جي ليکڪ لاءِ ته اهو ٻڌڻ ضروري ٿو سمجهي ته "ان جي ساهت جو جيون سان سمبنڌ نه ٽٽي."

پوئتي هيرانند ڏاهاڻي ۽ عملي تنقيد تي چڱا ليک لکيا آهن ته ناول ۽ مضمون نويسي تي به. اصولي تنقيدي ليک قلمبند ڪيا آهن. اهي سندس چار ڪتاب، سنڌي ناول ۽ ناول نويسي (١٩٦٦) سنڌي ساهتيه جي جهلڪ (١٩٦٦) چونڊ ڪن چند ۽ (١٩٧١) ٻولي منهنجي ماءُ (١٩٧٧) ۽ عزيز هڪ شخص ۽ عالم (١٩٧٨) ۾ ڏنل آهن. هنجو اظهار خاص ڪري ان اصولي تنقيدي ليکن ۾ "ادب براءِ زندگي" جي ڪافي ويجهو آهي. اهو ڪن عملي تنقيدي ليکن ۾ روايتي اظهار جي ويڪ ويجهو آهي ته انهن ۾ ترقي پسندن جي اثر جي جهلڪ ملي ٿي.

"سنڌي ساهت جي جهلڪ" ۾ لکيتي "صرف ڪن ڳالهه ڳيون ٻڙ رکن پروفيسر ملڪاڻي ۽ شري لعلچند امرڏنومل ادبـــي ڪيتر ۾ پروفيسر رام پنجواڻي ڪلچرل ڪيتر ۾ سنڌي ۽ سنڌيت جي مشعال روشن رکي. انهن جي پنيان زور هو ڪن چند نوجوانن جو- ڪيرت، اتم

۾ ماڻهو جو، جي شمع جيان جلندا رهيا ۽ ٻين کي
جلائيندا رهيا.... ٻهراڻ اديبن جي ٽولي جڏهن صحيح
معنيٰ ۾ تنقيد ڪرڻ جو سهرو ٻهراڻ سي اهي ٽي اديب
هئا." روس ۾ تنقيد واري ليکڪ ۾ پوشڪن هن لسي
رشيا ۽ سماجوادي لهر جو اثر نه ٽيو آهي ته "ناول ۽
ناول نويسي" ليکڪ ۾ هوءَ مدي خارج سرشتو بدلائڻ،
خيالي چٽڻ ۽ ان بابت پنهنجو نظريو پيش ڪرڻ ناول
نويسن لاءِ فرض ٿي سمجهي ته هر ڪميونسٽ انسان لاءِ ب
ڪا نه ڪا نقطه نظر ۽ فلسفي ضروري ٿي سمجهي.

"پولي مهنجي ماءُ" ۾ "سنڌي ادب ۾ زال" جي
ليکڪ ۾ چوي ٿي "جديد ادب جي لکڻي عام ٿيو
آهي... جديد اديبن مان ڪي پنهنجي لکڻين ۾ مرش ۽
استري جو صرف ڪامي جيون (سيڪس) ٻسائين ٿا."
ان ڪتاب ۾ "سنڌي ساهت ۾ سنڌي زندگي" ليکڪ ته
لکي آهي. شاهه لطيف بابت آڏ ٻڌن ڪن ليکڪن ۾
سوشي جو نظريو ڪن ٻين والڪر روايتي تصوف ۽
ويدانت وارو آهي.

"عزيز، شخص ۽ عالم" ڪتاب ۾ سماجي تنقيد جا
جزا ظاهر آهن. جڏهن ته ٻئي، ڪ-زاسـ جي شخصيت،
تعليم، تربيت ۽ ان وقت جي حالتن تي نظرثاني ب
ڪري ٿي، جنهن ڪري ٿي هوڙي ڪتاب کي ڪجهه اهميت
وارو بنائي ٿي.

"ناول نويسي" ڪتاب ۾ ناول جا ڏنل مثال نه ٺيڪ آهن، پر سنڌي ناول وارو حصو اڌورو ۽ غلط آهي. جيئن پڻ سمالوچڪن به چيو آهي. اُن ۾ ۲۵، ۳۰ ناول اهي آهن جي سنڌي ناول نه ڪوٺجن. اها غلطي اِن ڪري ٿي جو اُنهن وارا ۳، ۴ سٽا صفحا سڌا ۾ ڇپيل اسماعيل عرساڻي جي ڪتاب "سنڌي ڊراما ۽ ناول (۱۹۵۵ ۾ ڇپيل) تان نقل ڪيل آهن. عجب ته اهو جو "چرن چٽڪن چيت ۾" ٻوليءَ اهو ڪتاب ۱-۱-۱۹۰۰ تي ڇپيل هئڻ جي دعويٰ ڪئي ۽ اُن جو نالو به غلط "ادبي اصول" لکيو آهي. پر اُن تاريخ تي اُن جو ويچارو ليکڪ اسماعيل عرساڻي ڄائو به ڪونه هو.

باقي ڪن صديءَ جي جهوني پروفيسر پوپٽي جي هيڙي بي جوابدار بيان بازي ۽ نقل بازي ڏکدائڪ آهي. وري ڪمال ته اهو جو ڪيرت ٻاٻاڻي جي ڪتاب "اوڪ ٻوڪ" جي مهاڳ ۾ پوپٽي پڻ اڪادمي تي الزام لڳائي ٿي ته "سنڌيءَ جا گهڻا اڪاد پڙهندڙ سو ڪتاب نه پڙهي، ڪن ٻين جي لکيل مضمون ۾ ذڪر ڪيل ناٽڪ ڏهرائيندا رهندا آهن."

موهن ڪلپنا "فنڪار ۽ فيلسوف" [۱۹۷۳] ڪتاب ۾ ترقي پسند ليکڪ سڳن آهوجا جي زندگي ۽ شخصيت ۽ مارڪسوادي نظرئي تي روشني وڌي آهي. البت

ادبي تنقيد گهڻي ڀاڱي شخصي پسندي يا ناپسندي وڌيڪ آهي. ڪلپنا جو نظريو بـــ انرڪي پسنديءَ جي واڌهو آهي.

ڊاڪٽر بلاڻـــيءَ جو ادبي اصولن ۽ آلوچنا تي ڪتاب "ادبي آلاپ" [١٩٧٨] ۾ به نظريو "ادب براءِ زندگي" وارو آهي، ٻه ٻيو ذڪر جي "قادن جو ڪـــلام" [١٩٧٨] ۾ تحقيقي ۽ تشريحي تنقيد جو نظريو روايتي آهي. هر جهوني ڪلام ڳولڻ ۽ سرتڻ جو سارا جوکو ڪم ڪيو اٿس، جيتوڻيڪ ســـراج الحق هڪ پرک کوجنيڪ ۽ آلوچڪ قـــادي قـــادن جي ان ڪـــلام جي اصليت تي شڪ ظاهر ڪيو آهي [ٽڙهو مهراڻ ١٩٧٩-٣]

ساڳئي سال ديال آشا "سنڌي سنت ڪاوي ۽ ونيون" ۾ ١٠٠ سنتن ڪوين جو ذڪر ڪيو آهـي، جن مـــان روحل، سامي ۽ دلپت ڪاڪسواه پيا سڀ هاڻوڪي زماني جا آهن. جهڙوڪ: ٻيوس، عزيز، ضياء، خـــادم، گوردن ڀارتي، دلگير، شيام، وفا، شاد، راهي، ارمل، سڪايل وغيره. اڄ جڏهن آڳـاڻن سڀن سنت ڪوين کي بـــ اڄوڪي زماني جي اظهار سان پرکيو ٿو وڃي، تڏهن ديال آشا وري هاڻوڪن ڪوين کي به سنتن جي ديا درشٽي سان پرکڻ ٿو چاهي.

## جديد يا نئين تنقيد

جتي ڪن غير ترقي پسندن، ترقي پسند تنقيد جو اثر جهليو آهي، اتي ڪن اُن ليکڪن وري ان جي مخالفت ڪئي آهي. اهڙيءَ جديد يا نئين آلوچنا جا پنج ڪتاب ڇپيل آهن. لعل پشپ جا [١] ڪهاڻي ڪلا جو وڪاس ۽ [٢] درشٽي ۽ درسٽي [١٩٧٢] هيرو شيوڪاڻي جو جدت جو مفهوم ۽ سنڌي ڪهاڻي [١٩٧٥] وشنو ڀاٽيا جو نئين ساهت جا سوال [١٩٧٦] ۽ پرم ابيچنداڻيءَ جو ست سار [١٩٨٠].

پهرئين ليکڪ پنهنجي پهرين ڪتاب جي ڪَوَر اندر هي پيڙيورو ڏنو آهي: "مان دنيا ڀر جي ڪميٽيڊ لٽريچر کي ميونسپالٽين جي گاڏين ۾ ڀرائي ادبي شهرن ڳوٺن کان ٻاهر ڪڍائي، باهه ٻارڻ جي فائدي ۾ آهيان..... ها، دنيا ڀر جي، مهنجا ترقي پسند دوست ته تمام ننڍا آهن."

هاڻي هيڙي پيڙيورڇي الحاد ۽ سنيٽري انسپيڪٽري آلوچڪ جي آلوچنا ۾ ڪهڙي سنجيدگي ۽ صداقت، ادب ۽ اُصول جي اميد رکي ڪا رائزني ڪجي؟

ساڳيءَ طرح هيري شيوڪاڻيءَ پنهنجي ڪتاب ۾ جدت جي پس منظر ۾ ورهاڱي بعد جي سنڌي ڪهاڻيءَ کي خارج ڪيو آهي ۽ تعصبي ملان واري ٽرڙي نموني ڏاڍي الس ته "ترقي پسند دور جون سوين ڪهاڻيون...

مون کي ڪيرو ليون پاسن.“ ان فتوي جي مخالفت
خود پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ ۾ ڪئي آهي جنهن
جو هڪ جهونو رائو هيري پنهنجي فتوي جي حمايت
۾ ڪتاب ۾ درج ڪيو هو. هن فتوي بعد هيري
شيوڪاڻيءَ مان ڪيئن هڪ پارکوءَ واري نئي رهائي ۽
ڏيارائي جي اميد رکي رانزاي ڪجي؟

وشنو ڀاڳيا ”اڄوڪي ساهت جا سوال“ ۾ سنڌيءَ جي
نون ساهتڪارن جو ساهت، زندگي ۽ عوام سان جو
سنبنڌ هئڻ گهرجي ان کي مختصر رانزاي ڪئي آهي.
هو ان راءِ جو آهي ته ليکڪ زندگيءَ سان ڪمٽيڊ آهي
۽ هو پبلڪ (عوام) کان ڪٽيل نه هجي. اجنبيت جي
اوقت ۾ ايوس هئڻ جو فلسفو انهي پاڳوادي آهي. بهتر
حالت لاءِ ڪشمڪش ضروري آهي. اسان کي سنڌي
ٻوليءَ لاءِ عربي لپيءَ جي حمايت ۽ ديوناگري لپي
جي مخالفت ڪرڻ کپي.

وشنو جو هي سوال اون ليکڪن لاءِ ته للڪار آهي
”ڪمٽيڊ ساهت کي اسان پرچاري ۽ نعري باز چئي رد
ڪيو آهي ته پوءِ اسين ڪهڙن دائمي قدرن لاءِ
لکي رهيا آهيون؟“

ظاهر آهي ته وشنوءَ ساهت ۾ اهي طرفدار پهروين
سمجهوتو پرستن ۽ مفاد پرستن کي اڳ للڪار ڪيو آهي،
پر وشنو هڏن صاف ۽ آجهان لائق واڳاون سان ڪٿ هي

اُڌارا ۽ اُلجهيل خيال نه ڏنا آهن: [۱] زندگي اڻ معقول آهي. [۲] صحيح ۽ غلط، اُرائي ۽ سچائي جي ڇڪتاڻ اجائي آهي. [۳] انسانيت، ڪُوڙن فلسفن ۽ واعدن تي ٻڌل آهي. [۴] سڀ طاقتون شخص کي ختم ڪرڻ جون سازشون ٿيون ڪن.

هاڻي ٻنهي قسمن جي ويچارن جو تضاد، وشد جي ٻنهي آزمودي ۽ مغربي ملڪن جي پرچار جي اثر جو نتيجو آهي. هن دنيا جي مغربي ملڪن کان گهڻا سوشلسٽ ۽ وڪاس ڪندڙ ملڪ آهن. سوشلسٽ ملڪن ۾ ماڻهوءَ لاءِ ته زندگي معقول ٻري آهي. انهي سماج ۽ پيداوار ۾ سڀ حصيدار آهن، ان ڪري اجنبيپڻو ناهي. روٽي ۽ روزگار لاءِ انسانجي ليکڪن وانگر سمجهوتي يا پاڪائي يا خرابي ۽ سچائي ڏانهن اکيون ٻوٽڻ جي ضرورت ڪانهي. جڏهن ماڻهن جي جاني ڪي نه جدا ٻوليءَ، ليکي، سائنس ۽ ڪلچر وڌائڻ جي آزادي آهي. اتي نه ڪوڙا واعدا ۽ نه ڪوڙيون فلسفيون آهن. ان جي تصديق جين پال سارتري نه ڪئي هئي جو اڳ ۾ دنيا کي آيو هو. "جدليات" ڪتاب ۾ جوي ٿو، "مارڪسواد" اڄ جوان آهي. اسان جي يڳ جي فلسفي آهي ....ان کان ڪاٻه ڪوهه ڪٽي نه سگهندي...." اٽلي جي اخبار آونتي کي ملاقات ۾ چيائين ته "مان ڪميونسٽ ناهيان، نه ته جسماني طرح پارٽي هين سان

هڪ نئون سمجهاڻ." فرينچ اخبار "لي موالجي" کي ملاقات
۾ ڇپايون، "ليکڪ کي ٻه سؤ ڪروڙ ٻڪاڻن جي گهرج نه
جو طرفدار نه گهرجي نه ته هو خون چوس ليکڪ." ان
ويچار ڪان ئي سارتري "آبسرڊٽي" وارن ليکڪن
بيڪيٽ ۽ گرليٽ تي اکتيڇي ڪئي آهي ته انهن
۾ هڪ هنڌ چيو اٿس، "مان اجڪلهه هيئتواد بابت
ڳالهائڻ ئي ناپسند ٿو ڪريان."

ڪيتن ته انهن تضادن ۽ اوليءَ جي خامين جي
باوجود وشدوع جو ڪتاب نئين تنقيد جو بنيادن
سنجيدو ۽ اهم ڪتاب آهي.

برام ابپيداڪي "سمت سار" ۱۱ مان ٦ ليکن ۾
ساهت ۽ آلوچنا جي ڪن اصولن جو تت ڏنو آهي.
"هيئتواد" ليک ۾ سارتري جا مارڪسواد ۽ هيئتواد
کي ملائڻ، ساهت جي روپ (فارم) کي اهم نه سمجهڻ
وغيره جا بدليل ويچار نه ڏيئي گمراهي پيدا ڪئي
آهي. ساهت، فارم ۽ تنقيد وارن ٽن ليکن ۾ ئي پريم
جي ويچارن جي جهلڪ ملي ٿي، جيڪي "ادب براءِ
ادب" نظريي وارا آهن. ان نظريي جو سنڌي تنقيد ۾
خير ڪو اثر ۽ اهميت آهي، جنهن هن مقالي مان
بخوبي معلوم ٿي سگهي ٿو.

هي نه رڳو تنقيدي ڪتابن جو جائزو آهي، پر جي
اخبارن ۽ مخزنن جي سرمايي ۾ به سرچهي ٿو نه هجي

تنقيد ڪيتري نه ترقي ڪئي نظر ٿي اچي.

## سنڌ ۾ تنقيد جي ترقي

جيئن هند ۾ تيئن سنڌ ۾ ورهاڱي بعد تنقيد ۾ ڪافي ترقي ٿي آهي ۽ اتي به "ادب براءِ زندگيءَ" جو نظريو غالب رهيو آهي. ان ترقيءَ جي هتي رڳو مختصر ۾ جهلڪ ٿي ڏجي جو سڄو تنقيدي سرمايو موجود ٿي ڪونهي.

جيئن ڀارت ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ، تيئن سنڌ ۾ ورهاڱي بعد غلام محمد شاهواڻي اصولي ۽ عملي تنقيد جي شروعات ڪئي. "شاهه جو رسالو" [١٩٥٠] تشريحي تنقيد وارو مهاڳ اٿس، جيتوڻيڪ نظريو روايتي اٿس. پر اهم ڳالهه اها آهي جو رسالي ۾ شاهه جا سڀ سر ۽ انهن جون سمجهاڻيون ڏنائين. پر "ادبي اصول" (جو پروفيسر ملڪاڻيءَ جي ساڳئي نالي واري ڪتاب کان قبول آهي) ۾ وري نظريو ادب براءِ زندگي جهڙو اٿس جيئن "ادب کي زندگي جو نقش" ٿو سمجهي ۽ ان ۾ صداقت ۽ ليکڪ جي زندگيءَ بابت نقط نگاهه هجڻ ضروري ٿو سمجهي. اهڙي نظريي سان محمد اسماعيل عرساڻيءَ "سنڌي ڊراما ۽ ناول" اهڙو ڪتاب ١٩٥٥ ۾ لکيو.

سنڌ ۾ به عملي تنقيد جو مڪمل پهريون ڪتاب پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي "شاهه" وانگر سائين جي. ايم. سيد جو "پيغام لطيف" نالي ١٩٥٣ ۾ لکيو،

پر اڇوت نئين ۽ نرالي ڍنگ وارو. ان مان سائين هڪ سياستدان سان گڏ هڪ وڏو اديب، عالم ۽ ڄاڻو سڏ ٿي ٿو. هن شاهه جو ڪلام سماجي ۽ سياسي نظر کان پرکي، اڄوڪي زماني سان ڀيٽيو آهي. هڪڙي پاسي گهڙت سنڌيت ۽ سنڌين جي خود مختيار هستيءَ جو حامي، لوڪشاهيءَ جو طرفدار ۽ سوشلزم ڏانهن مائل ٿو نظر اچي، جو پڻ اسلام جو حامي نه هو. البت ڪٿي ڪٿي ڇڪي تاڻي سياسي معني نه ڪڍيل آهي. پروه ٻ شاهه تي هي سماجي تنقيد جو مڪمل ڪتاب آهي، جنهن ۾ شاهه ۽ سندس ڪلام کي سندس وقت جي ڌارمڪ، سماجڪ ۽ اتهاسڪ پس منظر ۾ پرکيو ويو آهي. هي لطيفي تنقيد ۾ هڪ حد-نشان وارو ڪتاب آهي.

مولانا دين محمد وفائي جو "شاهه جي رسالي جو مطالعو" [١٩٦٢] به شاهه جي وقت جي سماجي، سياسي، مذهبي، تهذيبي زندگي تي روشني وجهي ٿو. ان ۾ پير حسام الدين راشديءَ جو اهم مهاڳ آهي، جنهن لطيفي تنقيد سان ادب کي اوج ڏني آهي.

ان لطيفي تنقيد ۾ ڊاڪٽر بلوچ، عبدالڪريم سنديلو، مولائي شيدائي، غلام علي الانا، عبدالجبار جوڻيجو، الهداد ٻوهيو، علي نواز جتوئي، سراج الحق، آئن الياس سومرو پنهنجن ڪتابن سان اضافو ڪيو آهي، جيئن ڀارت ۾ خاص طور ليلي رچنداڻي ۽ گنگارام سمراٽ پاران ملهايو آهي.

ان ڏس ۾ طالب المولى جو ”ڪافي“ [١٩٦٢] هڪ اهم تنقيدي ڪتاب آهي جنهن ۾ سنڌي تهذيب ۽ تاريخ جي پس منظر ۾ شاهه ۽ کانئس اڳ وارن شاعرن جي ڪلام جي سلسلي ۾ ”ڪافي“ صنف جي اهميت ۽ بنياد وغيره جي ڇنڊڇاڻ ڪري ان کي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي اعليٰ صنف سڏ ڪيو ويو آهي.

هن صديءَ جي ڇهين ڏهي ۾ سنڌي ساهت منڊل ۽ ٽئين دنيا مخزن معرفت ترقي پسند ليکڪن جي وڏل زوردار اثر جو ورود ٿيو ليڪن سنڌ ۾ مهراڻ ۽ روح رهاڻ مخزن ۽ سنڌي ساهت سنگت ذريعي ترقي پسند اديبن جي وڌندڙ اثر جو ورود ٿيو جو شخصي سطح تي وڃي پهتو. اهڙي جهلڪ عبدالمجيد ميمڻ جي ”مارڪس، مولي، لال“ [١٩٦٢] ۽ عبدالڪريم لغاريءَ جي ”شاهه ۽ فرائڊ“ [١٩٦٣] مان ملي ٿي. هنن ان ۽ ابراهيم خليل ڪلاچي ترقي پسندن خلاف اخباري ڪالمن جو خوب زبان ڪيو. جيڪو هي بندو جون ١٩٦٤ ۾ سنڌ جي سفر وقت پنهنجي اکين ڏسي آيو هو.

ان شخصي تنقيد جو جواب ادبي تنقيد رستي اخبارن ۽ ڪتابن ۾ ڏنو ويو. ان ڏس ۾ غلام محمد گراميءَ جو ٽماهي مهراڻ [١٩٦٤] جي ٢٧٢ صفحن جو شاهڪار مقالو ”مشرقي شاعريءَ جا قدر ۽ لاڙا“ ابن حيات پنهور جو ڪتاب ”ادب ۽ اديب“ [١٩٦٦] ۽ رسول بخش پليجي جو اعليٰ ڪتاب ”انڌا اونڌا

ويهڻ" [١٩٦٧] سدائين استاد رهندا، جن ترقي پسند تنقيد کي نئون اوج ڏنو آهي. ٻيو هن ڪتاب پليجي جي انوکي طنزي نوع سبب نهايت دلچسپ آهي، جيئن ڏيپلائي صاحب جو "شيخ اَل شائخ" ڪتاب آهي.

ان وچ ۾ احسان بدوي جي اصولي ۽ عملي تنقيد وارو ڪتاب "تنقيد ۽ تنقيد نگاري" [١٩٥٩] ۽ شمس الدين عرساڻي جو "سنڌي ادب ۾ تنقيد" [١٩٦٦] ۽ عبدالرزاق جو "تنقيد ۽ تجزيو" [١٩٦٦] به نکتا چين جو نظريو ادب برائي زندگي وارو آهي.

هڪ ترقي پسند شاعر ۽ نقاد تنوير عباسي "شاهه لطيف جي شاعري" [١٩٧٦] سان لطيفي تنقيد کي ترقي بخشي آهي. هي ڪتاب لڳ ڀڳ سائين جي. ايم. سيد جي "پيغام لطيف" وانگر ئي يگانو آهي. ان ۾ اڄڪلهه جي تنقيد سان شاهه کي پرکيو ويو آهي. "عوامي شاعري" واري باب ۾ نه مارڪسوادي نگاهه کان به ڪم ورتل آهي ۽ چيل آهي ته شاهه دنيا جو پهريون شاعر آهي جنهن عام ماڻهو ۽ انجي روزاني زندگي جو چٽو چٽيو.

حقيقت ۾ شاهه تي مارڪسوادي نگاهه کان مڪمل ڪتاب جي ضرورت آهي، جيتوڻيڪ ان نگاهه کان اڪڙ ٻڪڙ ليک گهڻو اڳي به چيل آهن. *

---

* اڳهو الدين دنيا - ارمغر ١٩٥٩ ۾ هن ليکڪ جو شاهه لطيف تي مقالو.

تنوير واڳو ترقي پسند ادب ۽ ھلچل جي باري ۾ نقاد ابراھيم جويو وري "شاھ، سچل، سامي" (١٩٧٨) ۾ تنھن دور جي سماجي، اقتصادي، سياسي، مذھبي ۽ تھذيبي حالتن جو جائزو ورتو آھي. ڪلاسيڪل شاعرن جي تنقيد ۾ ھي ھڪ اھم ڪتاب آھي.

اھڙو ئي ڪتاب عبدالرزاق راز جو "سنڌي غزل جو ارتقا" (١٩٧٩) آھي، اُن ۾ سنڌي غزل جي اوسر ۽ گذريل ١٠٠ سالن جي ١٥ غزل گو شاعرن جي ڪلام ۽ فن جي اوک ڊوک آھي. نقاد جو نظريو ادب براءِ زندگيءَ وارو آھي ۽ ڪٿي ڪٿي ترقي پسند شاعريءَ کي به واکاڻيو اٿس.

سنڌ ۾ تازو جيڪي ڪتاب لکيا آھن سي آھن: ممتاز مھر جو "ويچار"، شاعر خاڪي جويو جو "سنڌي گيت" تي مقالو ۽ الله داد ٻوھيو جو "تنقيدون" ڪتاب. تنھن ۾ اصولي توڙي عملي تنقيد ڏنل آھي ۽ نظريو به "ادب براءِ زندگي" اٿن.

البت ٻوھيي صاحب جي لکيل تنقيد واري رخ ۾ جتي اصليت ۽ قابليت آھي، اُتي مارڪسوادي تنقيد بابت رخ ۾ ڪٿي ڪن مغربي عالمن جا اڇل ٻهتان دھرائي قابليت ۽ جھالت جي جھلڪ به ڏني آھي. جيئن ممتاز مھر وري امر عباسيءَ جي ايڪ ڪھاڻين ڪي ترجاري سڌيري ۾ "ڊاڪٽر زواگو" جھڙي ناول لاءِ

اهڙا لکندي لوڪ پسنديءَ لاءِ لکي ويو آهي.

هند ۽ سنڌ جي سنڌي تنقيد جي جائزي مان نه رڳو ترقي جو ثبوت ملي ٿو پر جدا جدا نظرين ۽ نمونن جو عڪس به نظر اچي ٿو. پنهنجي هند ڪجهه فرق به آهي. پنهنجي هند ادب برائي زندگي جي نظرئي غالب هجڻ سان گڏ روايتي نظريو به موجود آهي. سنڌ ۾ "ادب برائي ادب" سان گڏ "ادب برائي اخلاق" نظريو به آهي. ان ڪري اُتي هند وانگر نئين تنقيد جو اجا پاروان ۾ آهي. سنڌ ۾ وري تحقيقي تنقيد هند کان وڌيڪ ٿي آهي. پنهنجي هند اخلاقي تنقيد سان گڏ انفرادي تنقيد به آهي، جنهن جو اثر ادب ۽ ادبي ماحول تي به ٿيو آهي. ان جي جهلڪ تنقيدي ڪتابن کان وڌيڪ اخبارن ۽ مخزن مان ملي ٿي، جن ۾ جهجهو ئي تنقيدي سرمايو سمايل آهي.

Indian Institute of Sindhology
Library
Criticism
Sr. No. 4867/47
Adipur-Gandhidham

4867
criticism
47

Sindhi Kahani, Natak & Tanqeed (2nd Ed.) by A. J. Uttam

# اي. جي. اتم جا ٻيا ڪتاب

١. ڪشمڪش [سنڌي ڪهاڻيون]
٢. سنڌي ساهت [انتقاد ۽ تحقيق]
٣. ساهت ۽ ساهتڪار [" "]
٤. ٽئگور - هڪ جهلڪ [" "]
٥. ڀارت روس دوستي [انعامي ۽ ڪوجنائڪ ڪتاب]
٦. ڀارت جو دوست لينن [" "]
٧. مهاتما ۽ لينن [ٻه اعلى شخصيتون ۽ ويچار]
٨. سوويت سرڪار [سنڌي ۾ روس بابت پهريون ڪتاب]
٩. شاهه، سچل ۽ سامي [مرتب ڪيل تنقيدي مجموعو]
١٠. روپ ۽ ڪلا [" ناٽڪن جو مجموعو]
١١. ناچو [" " "]
١٢. ٻهارون بالڪون [" وشو جون ڪهاڻيون]
١٣. جئه بنگلا جئه سنڌي [" رچنائون]
١٤. پيار ۽ واسنا [ليئو ٽالسٽاءِ جو ناول]
١٥. انسان جو نصيب [شولو خوف "]

## نوان ڇپجندڙ ڪتاب

١. سنڌي ڪهاڻين جو مجموعو، ٢. سنڌي ساهت جو اتهاس، ٣. سچل جو سفر نامو، ٤. رشما جي ڳولا